شوال المکرم 1444ھ/مئی 2023ء

# ماہوار
# فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن

# تفسيرِ قرآنِ ڪريم

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا (۶۴)

ترجمو ڪنز العرفان: جيڪڏهن اُهي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري وينا هئا ته اي حبيب! اوهان جي بارگاهه ۾ حاضر ٿين ها پوءِ الله کان معافي گهرن ها ۽ رسول (به) انهن جي مغفرت جي دعا فرمائن ها ته ضرور الله کي گهڻو توبه قبول ڪرڻ وارو، مهربان لهن ها. (سيپارو: 5، سورة نساء: 64)

تفسير: هي آيت گنهگارن جو سهارو، خطاڪارن جي اميد، مغفرت جي طلب گارن جي لاءِ مغفرت جي خوشخبري ۽ مايوسن جي لاءِ رحمت جي ٿڌي هوا آهي. آيت ۾ خدا جي ٻانهن کي سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي ڪري شفاعت طلب ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو ويو ته جيڪڏهن اهي گناهه ڪرڻ جي صورت ۾ پنهنجي جانين تي ظلم ڪري ويهن، ته اي حبيب! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان جي خدمت ۾ اچن چو ته درِ رسول جي حاضري، بارگاهِ خداوندي ۾ حاضري آهي. گنهگار هتي اچن ۽ خداءِ رحمٰن کان بخشش گهرڻ جي لاءِ رحمت واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضور سفارش جي درخواست ڪن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي لاءِ شفاعت فرمائن ته، ضرور انهن ماڻهن کي رحمت ۽ مغفرت سان نوازيو ويندو ۽ طيب و طاهر نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ بارگاهه ۾ اچي ڪري اهي پاڻ به گناهن کان پاڪ ٿي ويندا.

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي تشريح ۾ نهايت خوبصورت نڪتو بيان ڪيو، جيئن لکيائون: ٻانهن کي حڪم آهي ته ان (نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي توبهه ۽ استغفار ڪن. الله ته هر جڳهه ٻڌندو آهي، ان جو علم ان جو ٻڌڻ، ان جو ڏسڻ سڀ جڳهه هڪجهڙو آهي، پرحڪم اهو ٿي فرمايو ته



منهنجي طرف توبہ گهرو تہ منهنجي محبوب جي حضور حاضر ٿيو... حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دنياوي زندگي ۾ حضور(يعني پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ) ظاهر هو، هاڻي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم(جي سنهري ڄارين جي ويجهو پيش ٿيڻو) آهي ۽ جاتي اهو بہ ميسر نہ هجي، تہ دل سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف توجهہ، حضور جو وسيلو، امداد، شفاعت جي خيرات گهري وجي.

(فتاوىٰ رضويہ، 654/15)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حيات مبارڪ ۾ سندن بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ڪري ۽ وصال ظاهري کان بعد مزار مبارڪ تي حاضري ڏئي گناهن کان معافي، مغفرت ۽ نجات ۽ مشڪلات جي خاتمي جي لاءِ عرض ۽ رجوع ۽ التجا جو سلسلو صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان اڄ تائين امتِ مسلمہ ۾ دائمي معمول موجب جاري آهي. جيئن تہ صحابہ ڪرام ۽ سلف صالحين رضوان الله عليهم اجمعين جا واقعا ملاحظ ڪيو.

پهريون واقعو: اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون هڪ اهڙو بسترو خريديو جنهن تي تصويرون ٺهيل هيون، جڏهن رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڏٺو تہ دروازي تي بيهي رهيا ۽ گهر ۾ داخل نہ ٿيا، مون سندن چهري مبارڪ تي ناپسنديدگي جا آثار ڏٺا تہ عرض ڪيو: يارسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مون کان جيڪا نافرماني ٿي مان ان کان الله ۽ ان جي رسول جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪيان ٿي. (پوءِ اهو تصوير وارو بستر هٽايو ويو)

(بخاری، 2 / 21، حديث: 2105)

ٻيو واقعو: حضرت ثوبان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ چاليهہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن ۾ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت سيدناعمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا بہ هئا جمع ٿي ڪري جبر قدر جي باري بحث ڪرڻ لڳا تہ جبريل امين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري صورت حال بيان ڪئي. اهو ٻڌي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن حال ۾ ٻاهر آيا جو جلال ۽ غضب سان سندن چهرو اهڙو ڳاڙهو هو، جيئن ڳاڙهو ڏاڙهون سندن چهري مبارڪ تي نپوڙيو ويو هجي. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن ڪيفيت کي ڏسي ڏڪندي عرض ڪرڻ لڳا "تُبْنَا اِلَى اللهِ وَرَسُوْلِهٖ" اسان الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول جي دربار ۾ توبہ ڪئي.

(معجم ڪبير، 2/ 95، حديث: 1423ملتقطا)

## وصال کان بعد بارگاهہ رسالت ۾ حاضري

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضري جو اهو طريقو رهيو پاڻ

صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري حيات مبارڪ ۾ نہ هو، بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ وصال کان بعد بہ اها عرض و معروض باقي رهي ۽ اڄ تائي سڄي امت ۾ هلندي پئي اچي.

**ٽيون واقعو:** محدثن جي هڪ تمام وڏي تعداد اها روايت نقل فرمائي تہ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت سيدناعمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي دورِ خلافت ۾ قحط پئجي ويو تہ صحابي رسول حضرت بلال بن حارث المزني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿي عرض ڪيو:

يارسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) پنهنجي امت جي لاءِ بارش جي دعا ڪيو، ڇو تہ اهي هلاڪ ٿي رهيا آهن. رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جواب ۾ ان کي فرمايو: تون عمر(فاروق) وٽ وڃي سلام چئو ۽ خوشخبري ڏينس تہ بارش ٿيندي.

(مصنف لابن ابی شيبہ، 63/17، حديث: 32665)

چوٿون واقعو: محدثن ۽ مفسرن ۽ شارحن جي هڪ وڏي تعداد اهو واقعو نقل ڪيو آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وفات شريف کان بعد هڪ ڳوناٺو روضي رسول تي حاضر ٿيو ۽ روضي انور جي خاڪ پاڪ مٽي تي وڌي ۽ عرض ڪرڻ لڳو: يارسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جيڪو اوهان فرمايو: اسان ٻڌو ۽ جيڪو سندن تي نازل ٿيو ان ۾ هيءَ آيت بہ آهي وَلَوۡ اَنَّهُمۡ اِذۡ ظَّلَمُوۡۤا (هن آيت جي سهاري مان عرض ڪيان ٿو تہ) مون بيشڪ پنهنجي جان تي ظلم ڪيو ۽ مان اوهان جي بارگاهہ ۾ الله پاڪ کان پنهنجي گناهہ جي بخشش چاهڻ حاضر ٿيو آهيان تہ منهنجي رب کان منهنجي گناهہ جي بخشش ڪرايو. ان تي قبر مبارڪ مان ندا آئي تہ توکي بخشيو ويو.

(تفسير نسفی، پ5، النسآء، تحت الآية: 64، ص 236)

بهرحال اها آيت مبارڪ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظيم شان بيان ڪري ٿي. انهيءَ آيت مبارڪ تي اعلىٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکيو:

مجرم بلائے آئے ہیں جَاءُوْكَ ہے گواہ
پھر رد ہو کب یہ شان کریموں کے در کی ہے
وہی رب ہے جس نے تجھ کو ہمہ تن کرم بنایا
ہمیں بھیک مانگنے کو تِرا آستاں بتایا




## (1) ٻي رڪعت ۾ چند آيتون اڳيان کان تلاوت ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته هڪ شخص فجر جي پهرين رڪعت ۾، ٻئي سيپاري جي ابتدا "سَيَقُوۡلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ" کان قراءت شروع ڪئي ۽ ڇهه آيتون پڙهي ڪري رڪعت مڪمل ڪئي، پوءِ انهن ڇهن آيتن کان بعد متصلاً(ڳنڍوڳنڍ) 5 آيتون بغير ضرورت جي ڇڏي ڪري، ٻئي رڪعت ۾ "يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اسۡتَعِيۡنُوۡا بِالصَّبۡرِ وَ الصَّلٰوةِ" کان قراءت شروع ڪئي، ۽ پنج آيتون پڙهي ڪري نماز مڪمل ڪري ڇڏي. ڇا هن طرح قراءت ڪرڻ سان ان شخص جي نماز ۾ ڪنهن قسم جي ڪراهت ته ناهي آئي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

فرض نمازن جي ٻن رڪعتن ۾ هن ريت قراءت ڪرڻ جو هڪ رڪعت ۾ چند آيتن جي تلاوت ڪئي ۽ وري ٻئي ۾ ان سان ڳنڍ هڪ آيت ڇڏي ڪري اڳيان کان تلاوت ڪئي، مڪروهِ تنزيهي آهي يعني گناهه ته ناهي پر هن کان بچڻ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن وچ ۾ ٻن يا ان کان وڌيڪ آيتن جو فاصلو هجي ته مڪروهِ تنزيهي به ناهي البت افضل اهو ئي آهي ته ٻن يا وڌيڪ آيتن جو فاصلو به نه هجي. پڻ ياد رهي ته هي حڪم ٻن رڪعتن ۾ آهي، فرض نماز جي هڪ رڪعت ۾ بغير ضرورت مختلف مقامن کان تلاوت ڪرڻ، مطلقًا مڪروهِ تنزيهي آهي جيتوڻيڪ وچ ۾ ٻن يا وڌيڪ آيتن جو فاصلو هجي.

هن تفصيل جي مطابق پڇيل صورت ۾ جڏهن پهرين رڪعت ۾ ٻئي سيپاري جي ابتدا يعني "سَيَقُوۡلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ" کان قراءت شروع ڪئي، ته افضل اهو هو ته ٻئي رڪعت ۾ انهيءَ جڳهه وٽان قراءت شروع ڪئي وڃي ها، جتان کان پهرين رڪعت ۾ قراءت ڇڏي هئي، پر جڏهن

بغير ضرورت جي وچ مان پنج آيتون ڇڏي ڪري ٻئي رڪعت ۾ قراءت ڪئي وئي ته اهو عمل جيتوڻيڪ خلاف اوليٰ ٿيو، پر نماز بغير ڪراهت جي ادا ٿي وئي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

مجيب: محمد سرفراز اختر عطّاری

مصدق: مفتی فضیل رضا عطّاری

## (2) دورانِ نماز صرف دل ۾ تلاوت ڪرڻ جو حڪم

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جيڪڏهن ڪو شخص نماز ۾ زبان سان قراءت نه ڪري، صرف دل ۾ هن قراءت جو تصور ڪري، ته هن طرح قراءت ڪرڻ سان نماز ٿي ويندي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

قراءت جو زبان سان ايتري آواز سان پڙهڻ ضروري آهي جو شور شرابو يا اونچو ٻڌڻ جو مرض نه هجي ته اهو پنهنجي آواز پنهنجي ڪنن سان ٻڌي سگهي، پنهنجي ڪنن سان آواز ٻڌڻ کان بغير رڳو حروف جي صحيح ادائيگي به معتمد قول تي ڪافي ناهي جو آواز ٻڌڻ جي بغير فقط صحيح حروف سان اصح قول جي مطابق قراءت ادا ناهي ٿيندي. جڏهن ته دل ۾ قراءت جو تصور ڪرڻ ته بالاتفاق قراءت (پڙهڻ) ناهي، تنهنڪري پڇيل صورت ۾ هن طرح دل ۾ پڙهڻ سان قراءت جو فرض ادا نه ٿيندو، نماز به نه ٿيندي، اهڙي نماز کي ٻيهر پڙهڻ فرض آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

ڪتبہ:

مفتی فضیل رضا عطّاری

## (3) تهجد جي وقت وتر پڙهڻ جي صورت ۾ ترتيب؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته وتر جي نماز تهجد جي وقت پڙهڻي هجي ته اهڙي صورت ۾ پهريان ڪهڙي نماز پڙهي وڃي؟ رهنمائي فرمايو.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جنهن شخص کي جاڳڻ تي يقين هجي، ان جي لاءِ رات جي آخر تائين وتر ۾ تاخير ڪرڻ مستحب آهي، هن صورت ۾ مستحب ۽ افضل اهو آهي ته پهريان تهجد پڙهي بعد ۾ وتر ادا ڪري، حديث پاڪ ۾ انهيءَ جي ترغيب آهي، البت جيڪڏهن ڪنهن وتر پڙهي ڪري پوءِ تهجد پڙهي تڏهن به ڪو حرج ناهي، پر اهو خلاف اداب آهي.

ياد رهي جاڳڻ تي يقين نه هجڻ جي ڪري جنهن سمهڻ کان پهريان وتر پڙهي

ورتا، پوءِ اڪ ڪلڻ تي تهجد پڙهي، ته ان ڪي جيتوڻيڪ هن حديث پاڪ ”پنهنجي رات جي آخري نماز وتر بڻايو“ تي عمل نه هئڻ جي سبب افضليت نه ملندي، ڇو ته ان وتر سڀ ڪان آخر ۾ ناهن پڙهيا، پر ان ڪي جلدي وتر پڙهڻ جي فضيلت ملي ويندي، ڇو ته هڪ ٻئي حديث پاڪ ۾ آهي ته ”جنهن ڪي رات جي آخر تائين وتر نه پڙهڻ جو خوف هجي، اهو اول رات ۾ وتر پڙهي وٺي. هن حديث پاڪ جي تحت فقهاءِ ڪرام فرمائن ٿا جنهن ڪي جاڳڻ تي اعتماد نه هجي، ته قضا هئڻ جي خوف سبب ان جي لاءِ سمهڻ ڪان پهريان وتر پڙهڻ افضل آهي .

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

مجیب:
محمد سرفراز اختر عطّاری

مصدق:
مفتی فضیل رضا عطّاری

# مدني مذاڪرا

## جا سوال جواب



### (1) سيّدُالشهداء جي مزار جون برڪتون

**سوال:** ٻڌو آهي تہ ”جيڪڏهن ڪو شهداءِ احد جي مزارن تي حاضر ٿي ڪري اها نيت ڪري تہ جيڪڏهن پٽ ٿيو تہ ان جو نالو حمزه رکندس تہ اللہ پاڪ انکي پٽ عطا فرمائيندو“ ڇا اها ڳالهہ درست آهي؟

**جواب:** مون کي ان باري ۾ پوري طرح ياد ناهي، البت نيڪ ٻانهن جي قرب ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن. (فضائلِ دعا، ص140) سيّدُالشهداء حضرت سيدنا حمزه رضی اللہ عنہ شهيدن جا سردار ۽ اولياء ڪرام جا تاجدار آهن، پڻ سندن ۽ ٻين احد جي شهيدن رضی اللہ عنہم جون مزارون ويجهي ويجهي آهن، تنهنڪري اللہ پاڪ جي رحمت سان انهن جي مزارن تي نہ رڳو پٽ بلڪ مغفرت جي دعا بہ قبول ٿيندي، جهنم کان آزادي بہ ملندي، بلڪ جيڪو گهرندا انشآءَاللہ الڪريم ملندو.

(مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 24رمضان شريف 1441ھ)

## (2) اعلٰي حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي ”حاميِ سنّت“ چوڻ جو ڪهڙو سبب آهي.

سوال: اعلٰي حضرت امام احمد رضا رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي ”حاميِ سنّت“ چو چيو ويندو آهي؟

جواب: حاميِ سنّت جو مطلب آهي: سنت جي حمايت ڪرڻ وارو، سنت کي پروان چڙهائڻ وارو ۽ سنت کي بيان ڪرڻ وارو. چو ته اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ سنت جي حمايت به ڪئي آهي انڪري سندن کي ”حاميِ سنّت“ چيو ويندو آهي.

(مدنی مذاکره، بعد نمازِ عشا، 8 شوّال شريف 1441ھ)

## (3) پير قاتِل هجن ته وضو ڪيئن ڪيون؟

سوال: منهنجا پير قاتِل آهن پڻ پير ڌوئڻ جي ڪري ڏاڍو سور ٿيندو آهي، مان وضو ڪيئن ڪيان؟

جواب: جيترو حصو ڌوپڇي سگهجي ٿو ان کي ڌوئڻ فرض آهي باقي جيتري حصي تي تڪليف، ساڙي يا سور جي ڪري پاڻي نٿا لڳائي سگهو اوتري حصي تي پاڻي وارو هٿ هن طرح ڦيرڻو پوندو جو ان سموري جڳهه تي پاڻي جي آلاڻ پهچي وڃي. (بہارِ شريعت، 318/1) (مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 20رمضان شريف 1441ھ)

## (4) اهو چوڻ ڪيئن ته اسان اڄ تائين اهو مسئلو ناهي ٻڌو

سوال: ڪجھ ماڻهو ڪو اهڙو مسئلو ٻڌي ڪري جيڪو انهن جي لاءِ نئون هجي چوندا آهن ته ”اسان ته اڄ تائين اهو مسئلو ناهي ٻڌو، يا اسان کي ته اڄ تائين ڪنهن ائين ناهي ٻڌايو“ اهڙن ماڻهن جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا فرمايو؟

جواب: هاڻي اهڙن ماڻهن کي گهر ۾ اچي ڪري ته ڪير ڪونه ٻڌائيندو ته هيئن مسئلو آهي. جيڪڏهن ڪو اهڙي شڪوه ڪري ٿو ته اهو هي سوچي ته ان سکڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪئي؟ حالانڪ ڪتابن ۾ گهڻو ڪجھ لکيو پيو آهي، پر ڪتابن جو مطالعو ڪنداسين ته تڏهن وڃي علم حاصل ٿيندو، ائين ئي علماءِ اهلسنت ۽ دعوت اسلامي جي عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهي ڪري اهو سڀ سکڻ جي لاءِ ملندو. هاڻي جيڪڏهن ڪو ڏينهن رات T.V تي گناهن ڀريا پروگرام ڏسندو رهي، برن دوستن جي صحبت ۾ رهي، نه نماز پڙهي نه روزو رکي ته اهڙي شخص کي مسئلن جي خبر ڪيئن پوندي! دين سکڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو، اسلامي ڪتابن خاص ڪري”بهارِشريعت“ جو مطالعو ڪيو، چڱي صحبت ۾ رهو. اِنۡ شَآءَاللّٰه تمام گهڻي معلومات حاصل ٿيندي.

(مدنی مذاکره،8ربيع الاوّل1441ھ)

## (5) ڇا هر آذان جو جواب ڏيڻ ضروري آهي؟

سوال: جيڪڏهن هڪ آذان ٻڌي ڪري

ان جو جواب ڏئي ڇڏيو تہ ڇا ٻين آذانن جو جواب ڏيڻ بہ ضروري آهي.

جواب: پهرين آذان جو جواب ڏيڻ ڪافي آهي. (فتاویٰ شامی، 82/2) چاهي تہ ٻين آذانن جو جواب بہ ڏئي سگهي ٿو.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 20رمضان شریف 1441ھ)

## (6) خدا جي بستي

سوال: ڪنهن بستي کي ”خدا جي بستي“ چوڻ ڪيئن؟

جواب: ڪو حرج ناهي ڇو تہ هر شيءِ الله پاڪ جي آهي جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ آهي:

لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِؕ

ڪنزالعرفان: جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي سڀ الله جو ئي آهي.

مسجد کي بہ ”بيت الله“ يعني الله جو گهر چوندا آهن اهڙي طرح بستي بہ حقيقت ۾ الله پاڪ جي ئي آهي، بلڪ سموريون بستيون الله پاڪ جون آهن جيڪڏهن ”خدا جي بستي“ نالو رکي ورتو تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 20رمضان شریف 1441ھ)

## (7) تسبيح مڪمل ٿيڻ کان پهريان امام صاحب دعا ڪرائن تہ ڇا ڪيون؟

سوال: نماز کان بعد اسان جي تسبيح مڪمل نہ هجي ۽ امام صاحب دعا شروع ڪرائن تہ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: ڪجھ ماڻهو دعا ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ جلدي جلدي تسبيح پڙهندا آهن ائين غلط سلط پڙهيو وڃڻ جو تمام گهڻو انديشو هوندو آهي. ياد رکو تسبيح هجي يا قرآن پاڪ، هڪ هڪ حرف کي درست مخارج سان ادا ڪرڻ لازمي آهي، حروف جي غلط مخارج سان ادا ڪرڻ کان بهتر آهي تہ نہ پڙهي! تسبيح فاطمہ دعا کان پهريان پڙهڻ لازمي ناهي، تنهنڪري ٻئي ڪم يعني دعا ۽ تسبيح گڏ نہ ڪيو ڇو تہ ائين نہ دعا اطمينان سان ٿي سگهندي نہ تسبيح سڪون سان پڙهي سگهندؤ، بلڪ پهريان امام صاحب سان گڏ دعا ۾ شريڪ ٿي وڃو، پوءِ تسبيح پڙهو.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 20 رمضان شریف 1441ھ)

## (8) وضو جو هڪ مسئلو

سوال: ڇا بدن تي ناپاڪي لڳڻ سان وضو ٽٽي پوندو آهي؟

جواب: جي نہ! بدن تي نجاست لڳڻ سان وضو ناهي ٽٽندو.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 20رمضان شریف 1441ھ)

## (9) پنهنجي تعريف ٿيڻ تي ڇا پڙهڻ گهرجي؟

سوال: ڪو تعريف ڪري تہ ڇا پڙهڻ گهرجي؟

جواب: پنهنجي تعريف تي خوش نہ هئڻ گهرجي، مون دنيا ڏٺي آهي اها تعريف بہ ڪندي آهي، اها ئي برائي ۽ غيبت بہ ڪندي آهي. 99 پيرا ڪنهن جي پٺي

ٽپڪيو تہ اهو جهومندو رهندو ۽ هڪ پيرو ٽورو زور سان هٿ رکي ورتو تہ ٽي سگهي ٿو ناراض ٿي وڃي بلڪ مخالف بہ ٿي سگهي ٿو، جڏهن پنهنجي تعريف ڪئي وڃي تہ ”اَسْتَغْفِرُ الله “ پڙهڻ مناسب آهي، تعريف ڪرڻ وارو هڪ طرح سان ڄڻ تہ اسان تي زهريلا تير وسائي رهيو هوندو آهي، اسان جا نصيب جو اسان انهن تيرن کان بچي ڪري نڪري وڃون ٿا يا سينو ڪڍي پنهنجي دل تي لڳڻ ڏيون ٿا. ظاهر آهي پنهنجي تعريف عام طور هر ڪنهن کي چڱي لڳندي آهي ۽ جڏهن تعريف ٿئي تہ مزو بہ ڏاڍو ايندو آهي، ڇو تہ نفس ڏاڍو مڪار آهي، پنهنجي مذمت کي بلڪل پسند ناهي ڪندو ۽ تعريف کي ڏاڍو پسند ڪندو آهي، تنهنڪري جڏهن تعريف ٿئي تہ استغفار ڪري پنهنجو پاڻ کي حبّ جاهہ وغيره کي بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 25رمضان شریف 1441ھ)

راشدعلي عطاري مدني

سلسلو

اسلام جي روشن تعليمات

# اسلام ئي زندگي جو معيار آهي

اسلام هڪ امن پسند، ڪامل، لاجواب خوبين وارو، انساني طبيعت ۽ فطرت جي عين مطابق، آسماني ۽ سچو دين آهي. هن دين ۾ دنياوي، اُخروي، اخلاقي، ظاهري، باطني، گهريلو، خانداني، معاشرتي، معاشي مطلب ته هر لحاظ سان ۽ زندگي جي تمام شعبن سان وابسته ماڻهن جي لاءِ رهنمائي موجود آهي. دينِ اسلام جي تعليمات ڪي گهڻو گهرائي ۾ وڃي ڪري نه بلڪ سَرسري طور تي جاڻڻ وارا به يڪدم سمجهي ويندا آهن ته انساني زندگي گذارڻ جو واحد، مڪمل، معياري ۽ آسان ذريعو دينِ اسلام ئي آهي ان ڪري چيو ويندو آهي ته ”اسلام مڪمل ضابطهءِ حيات آهي.“ دينِ اسلام ۾ هر طبقي جا ماڻهو بلڪ صرف انسانن جا ئي نه جانورن، پکين، جيتن ۽ وڻن تائين جا به حَقّ بيان ڪيا ويا آهن. جتي انساني حقن جي ڳالهه آهي ته هي واحد دين آهي جيڪو ٻارن، جوانن، پوڙهن، گهروارين، مڙسن، ڌيئرن، محرم رشتيدارن بلڪ يتيمن ۽ لاوارثن تائين جا حقّ بيان ڪندو ۽ انهن جي ادائيگي جو حڪم ڏيندو آهي. جيڪي ماڻهو مغرب ۽ جديد معاشرن جي ترقين سان متاثر آهن اهي به هن ڳالهه جو اقرار ڪندا آهن ته مغرب ۾ خانداني نظام، والدين جو ادب ۽ احترام، ڀاءُ ڀيڻ ۽ محارم رشتيدارن جي پاڪيزگي ۽ شرم ۽ حيا جو نظام تباهه ٿي چڪو آهي. اهڙي ۾ دينِ اسلام ئي نجات ۽ ڪاميابي ۽ ذهني، قلبي ۽ اخروي سڪون جو واحد ذريعو آهي، اچو!ٿوري دين اسلام جي انسانيت

ڪي نوازڻ واري تعليمات جي مختصر جهلڪ ملاحظ ڪيو:

## ماءُ پيءُ ۽ دينِ اسلام:

غيراسلامي معاشرن ۾ ماءُ پيءُ اولاد جي هٿان ڪيتري قدر تڪليف ڪٽيندا آهن هيءَ ڪا لڪيل ڳالهه ناهي. جنهن اولاد ڪي دنيا ۾ پهرين ساهَ ڪڻڻ کان وٺي جوان ٿيڻ تائين سنڀاليو، ناپاڪي ۽ صفائي هر حالت ۾ گڏ رکيو انهن کي ئي اولڊ هائوس ۾ داخل ڪرايو ويندو آهي. دينِ اسلام جي سچي ڪتاب قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًاؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًاؕ ﴿۲۴﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو. جڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهائپ کي پهچي وڃن ته انهن کي اُف تائين نه چئجانءِ ۽ انهن کي نه جهڻڪجانءِ ۽ انهن سان نرم تعظيم واري ڳالهه ڳالهائجانءِ ۽ انهن جي واسطي عاجزيءَ جا پر وڇاءِ نرم دلي سان ۽ دعا ڪر ته اي منهنجا رب! تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن جو انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو. (1) ان ڪري ضروري آهي ته والدين جي خدمت کي سعادت سمجهيو وڃي ۽ انهن جي نافرماني کان بچيو وڃي.

## گهرَواريون ۽ دينِ اسلام

الله ڪريم گهرَوارين جي باري ۾ حڪم فرمايو:

وَعَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِۚ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن سان سٺي طريقي سان گذر بسر ڪيو.(2)

هن آيتِ ڪريمه جي تفسير ۾ آهي ته ڪارائڻ پارائڻ ۾، ڳالهه ٻولهه ۾ ۽ گهرَ واري جي معاملن ۾ (گهرَوارين سان سهڻو ورتاءُ ڪيو). (3)

اهڙيءَ طرح حضور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: توهان مان سُٺا ماڻهو اهي آهن جيڪي پنهنجين عورتن (گهرَوارين) سان چڱي طرح پيش اچن. (4)

## پاڙيچاري جو رشتو ۽ اسلام

والدين کان بعد پاڙن جو رشتو تمام ويجهو ۽ عزّت وارو آهي. دينِ اسلام انهن رشتن جو بہ احترام رکيو آهي بهرحال پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: حَقُّ كَبِيْرِ الْاِخْوَةِ عَلٰى صَغِيْرِهِمْ حَقُّ الْوَالِدِ عَلٰى وَلَدِهٖ يعني وڏي ڀاءُ جو حق پنهنجي ننڍي ڀيڻ ڀائرن تي ائين آهي جيئن پيءُ جو حق پنهنجي اولاد تي. (5)

## ننڍي وڏي جي تميز ۽ اسلام

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جيڪو اسان جي ننڍن تي رحم نه ڪري، اسان جي وڏن جي عزّت نه ڪري ۽ اسان جو حق نه سڃاڻي، اهو اسان مان ناهي. (6)

صرف اهو ئي نه بلڪ ٻين رت جي رشتن، مسڪينن، مسافرن، پاڙي وارن ۽ مهمانن تائين ڪي به دينِ اسلام تمام گهڻي عزت ڏني آهي جيئن ته قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَ الْمِسْكِیْنَ وَ ابْنَ السَّبِیْلِؕ ذٰلِكَ خَیْرٌ لِّلَّذِیْنَ یُرِیْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ٘ وَ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ(۳۸)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ رشتيدارن کي انهن جو حق ڏيو ۽ مسڪين ۽ مسافر کي به. هي انهن ماڻهن جي لاءِ بهتر آهي جيڪي الله جي رضا چاهيندا آهن ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيڻ وارا آهن. (7)

حڪيمُ الاُمّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه هن آيتِ ڪريمه جي تحت لکن ٿا: هيءَ آيتِ ڪريمه تمام قرابت دارن جي حقن کي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي رهي آهي هن مان معلوم ٿيو ته هر رشتيدار جو حق آهي، ان ۾ تمام قرابت دار شامل آهن ۽ هن آيت مان هي به معلوم ٿيو ته قرابت دارن سان سٺو سُلوڪ ۽ (انهن کي) صدقو ۽ خيرات (ڏيڻ) انهن جي عزّت ڪرڻ، رسم طور نه هجي بلڪ صرف ربَّ ڪريم جي رضا جي لاءِ هجي، تڏهن ئي ثواب جو مُستحق آهي. (8)

## پاڙي وارو ۽ اسلام

پيغمبرِ اسلام صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ان ذاتِ پاڪ جو قسم جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! ٻانهو ان وقت تائين مومن نه ٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي پاڙي واري (يا فرمايائون: پنهنجي ڀاءُ) جي لاءِ اهو ئي پسند نه ڪري جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي. (9)

## مهمان ۽ اسلام

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکندو آهي ان کي گهرجي ته پنهنجي مهمان جي عزّت ڪري. (10)

## مزور ۽ اسلام

مزور جي حقن جي ادائيگي تي به اسلام تمام گهڻو زور ڏنو آهي بهرحال رسولِ رحمت صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مزور جو پگهر سڪڻ کان پهريان ان جي مزوري ادا ڪري ڇڏيو. (11)

محترم قارئين! اسلام جي ان انمول تعليمات کي ذهن نشين رکو ۽ هميشه دينِ اسلام ۽ ان جي تعليمات تي يقين ۽ ايمان سان پابند رهو. دينِ اسلام کان علاوه ڪو مذهب نه دنيا جي ڪنهن شعبي ۾ حقيقي طور تي ڪامياب ٿي سگهي ٿو نه ئي

آخرت ۾ ڪم ايندو ڇو جو ربِّ ڪائنات واضح طور تي فرمائي ڇڏيو آهي تہ:

اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۟

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ الله وٽ دين صرف اسلام آهي. (12)

پنهنجي پياري مذهبِ اسلام جي تعليمات تي عمل ڪندي، هر وقت پنهنجي ربَّ جي رضا ڪي ڳوليندي، ان جي اطاعت ڪندي ۽ گناهن ڪان بچندي زندگي جو سفر گذارڻ ئي ڪاميابي آهي. الله پاڪ اسان سيني ڪي ايمان تي خاتمو نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میری زندگی بس تیری بندگی میں
ہی اے کاش گزرے سدا یا الٰہی!

(1)پ15، بنی اسراءیل:23-24
(2)پ4، النساء:19
(3)خزائنُ العرفان، ص159
(4)ابن ماجہ، 2/478، حدیث:1978
(5)شعب الایمان، 2/210، حدیث:7929
(6)معجم کبیر، 11/355، حدیث:12276
(7)پ21، الروم:38
(8)نورالعرفان، ص651 ملتقطاً
(9)مسلم، ص48، حدیث:171
(10)مسلم، ص48، حدیث:174
(11)ابن ماجہ، 3/162، حدیث:2443
(12)پ3، اٰلِ عمرٰن:19



# خريد و فروخت (واپار) ۾ ڏوکو ڏيڻ

عبدالرحمٰن عطاري مدني

اسان جي بزرگانِ دين اسلامي معاشي اصولن تي ڪاربند رهي ڪري سچائي ۽ ايمانداري سان تجارت ڪئي. واپار اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ به ڪيو ۽ سندن صحابه به پاڻ ۾ تجارت ڪندا هئا ۽ اهڙي ريت انهن کان بعد عالم ۽ نيڪ ٻانها به تجارت ڪندا رهيا پر شرعي قانون ۽ ان طريقي جي مطابق جيڪو درج ذيل مبارڪ آيت ۾ بيان ٿيو آهي ايئن واپار ڪيو، جيئن ارشاد ٿيو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۫

**ترجموڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ پاڻ ۾ هڪٻئي جو مال ناحق نه کائو پر جيڪڏهن توهان جي هڪٻئي جي رضا مندي سان واپار ٿئي ته (کائي سگهو ٿا). (1)

**ڏوکو حرام آهي:** علامه ابن حجر مکي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ هن آيت مبارڪ ۾ بيان فرمائي ڇڏيو ته تجارت انهيءَ صورت ۾ جائز ٿي سگهي ٿي جڏهن ته فريقين جي رضا مندي سان هجي ۽ رضامندي تڏهن ئي حاصل ٿي سگهي ٿي جڏهن ته نه ئي ملاوٽ هجي نه ئي ڏوکو. (2) پڻ ڏوکي جي حرمت جو قائدو بيان ڪندي فرمائي ٿو: سامان وارو چاهي اهو وڪڻڻ وارو هجي يا خريدڻ وارو، اهو

ڄاڻيندو هجي تہ هن ۾ ڪجهہ عيب آهي ۽ جيڪڏهن وڻڻ وارو ان(عيب) تي مطلع ٿي ويو تہ ان کي نہ وٺندو(پر پوءِ بہ ان کي ڏئي ڇڏي تہ اهو اهڙو ڌوکو آهي جيڪو حرام آهي). (3) حديث شريف ۾ آهي: جنهن اسان کي ڌوکو ڏنو اهو اسان مان ناهي. (4)

**حديث جي شرح:** هن مان معلوم ٿيو تہ ڌوکي جو معاملو تمام برو ۽ ان جو انجام تمام خطرناڪ آهي ڇوتہ ڪڏهن ڪڏهن ان جي سبب ايمان ڪسجي ويندو آهي، ان ڪري جو رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ شيءِ جي باري ۾ لَيْسَ مِنَّا (اهو اسان مان ناهي) فرمائيندا هئا جيڪا نهايت بري هجي ۽ سندن ڪرڻ واري کي خوفناڪ معاملي جي طرف وٺي وڃي ۽ جنهن سان ڪفر جو خوف هجي. (5)

**تاجرن جي بري حالت:** علامہ ابن حجر مکي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان هڪ ڏکيو سوال ٿيو ۽ سندن ان جو تفصيلي جواب عطا فرمايو، سائل پنهنجي ڏکيي سوال ۾ تاجرن جي جيڪا ڪيفيت بيان ڪئي ان کي ملاحظہ ڪيو، جيئن تہ ان جو چوڻ هو: جيڪڏهن اوهان تاجرن ۽ مختلف پيشن وارن جي تفتيش ڪندؤ تہ انهن کي ڌوکو ڏيڻ وارا، شيءِ جو عيب لڪائڻ وارا، خيانت، مڪر ۽ ڪوڙا بهانہ ٺاهڻ وارا ڏسندؤ. اسان انهن کي پنهنجي معاملن ۾ ائين ڏسون ٿا جيئن بہ انسان آهن جن وٽ هڪٻئي جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ بہ تلوارون آهن جڏهن بہ ڪو هڪ ٻئي تي قادر ٿيندو تہ ٻئي کي انهيءَ وقت قتل ڪري ڇڏيندو، اهڙي طرح تاجر ۽ خريد و فروخت ڪرڻ وارن مان هر هڪ جي اها نيت هوندي آهي تہ جيڪڏهن اهو پنهنجي ساٿي تي ڪامياب ٿي وڃي تہ جائز ۽ ناجائز هر طريقي سان ان جو سڄو مال هڙپ ڪري وٺي ۽ انهيءَ وقت ان کي فقير بڻائي ڇڏي، تنهنڪري جڏهن انهن مان ڪنهن کي اها ڳالهہ حاصل ٿي ويندي آهي تہ تمام گهڻو خوش هوندو آهي ۽ دل ئي دل ۾ ان ڳالهہ تي خوش ٿيندو آهي تہ مان ڌوکي سان ان تي غالب اچي ويس ۽ ان تي حاوي ٿي ويس ۽ هي ان ڪتي وانگر ڪامياب ٿي ويو جيڪو مردار کي اچي ڪائيندو آهي ايستائين جو ان جي ڪا شيءِ ناهي ڇڏيندو. (6)

الله پاڪ اسان کي دغا بازي ڪرڻ، ڌوکو ڏيڻ ۽ ڪوڙ ۽ فريب کان بچائي ۽ سچائي ۽ امانتداري سان تجارت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

(1)پ5، النسآء:29

(2)زواجر، 1/520

(3)زواجر، 1/517

(4)مسلم، ص64، حديث:283 ملتقطاً

(5)زواجر، 1/522

(6)زواجر، 1/518 ملخصاً



مولانا محمد نواز عطاري مدني

# ڪجهه نيڪيون ڪمائي وٺو

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَسَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِیْنَۙ(۱۳۳)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جي جنت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي چوڙائي آسمانن ۽ زمين جي برابر آهي. اها پرهيزگارن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.(1)

هن آيت سڳوري ۾ الله پاڪ کان مغفرت گهرڻ ۽ بخشش ڏيارڻ وارا عمل ڪرڻ جي ترغيب آهي، اچو حديثن جي روشني ۾ بخشش جو ذريعو بڻجڻ وارا 5 عمل پڙهون ٿا:

### (1) حاجين جي دعا:

حج ۽ عمرو ڪرڻ وارا الله پاڪ جا وفد آهن، جيڪڏهن اهي دعا ڪن ته الله پاڪ انهن جي دعا قبول فرمائي ۽ جيڪڏهن اهي بخشش طلب ڪن ته الله پاڪ انهن جي بخشش فرمائي ڇڏي. (2)

### (2) بيت الله جي زيارت ڪرڻ وارن جو حق

الله پاڪ جي نبي حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: الٰهي! توتي پنهنجن انهن ٻانهن جو ڇا آهي جيڪي تنهنجي زيارت ڪرڻ تنهنجي گهر ۾ ايندا آهن؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: هر زيارت ڪرڻ واري جو ان تي حق هوندو آهي جنهن جي هو زيارت ڪري رهيو آهي. اي داؤد! انهن ماڻهن جو مون تي حق اهو آهي ته مان دنيا ۾ انهن کي عافيت عطا فرمائيندس ۽ جڏهن آخرت ۾ انهن سان ملندس ته انهن کي بخشي ڇڏيندس . (3)

### (3) الله فخر فرمائيندو آهي

جڏهن عرفه جو ڏينهن ٿيندو آهي ته الله پاڪ آسمانِ دنيا جي طرف خاص تجلي فرمائيندو آهي، پوءِ ملائڪن جي سامهون عرفات وارن تي فخر فرمائيندو آهي ۽

ارشاد فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهن کي ڏسو! پريشان حال، وکريل وارن سان پري پري کان آيا آهن، مان توهان کي گواهه ٺاهيان ٿو بيشڪ مون انهن کي بخشي ڇڏيو.(4)

## (4) مڪي جي راهه ۾ وصال

جيڪو حج جي لاءِ مڪي جي رستي ۾ ايندي يا ويندي مري ويو ان کان نه ڪو سوال ٿيندو ۽ نه ئي ان سان حساب ورتو ويندو ۽ ان جي بخشش ڪئي ويندي.(5)

## (5) پاڙيسرين جي نيڪ گواهي

ڪنهن مسلمان جي موت تي جيڪڏهن ان جي قريبي پاڙي وارن گهرن مان 4 ماڻهو هن ڳالهه جي گواهي ڏين ته انهن ته هن کان ڀلائي ئي ڏٺي آهي ته الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: مون توهان جو علم ان جي باري ۾ قبول ڪري ورتو ۽ ان جي انهن خطائن کي به بخشي ڇڏيو جن کي توهان نٿا ڄاڻو. (6)

---

(1) پ4، اٰل عمرٰن:133

(2) زواجر، 1/520

(3) زواجر، 1/517

(4) مسلم، ص64، حدیث:283 ملتقطاً

(5) زواجر، 1/522

(6) زواجر، 1/518 ملخصاً

# پنهنجي ٻارن جو قرآن
# سان تعلق جوڙيو

مولانا آصف جهانزيب عطاري مدني

**ٿورو تصور ڪيو:**

قيامت قائم ٿي چڪي آهي، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلام کان وٺي آخر تائين تمام ماڻهو ميدانِ محشر ۾ جمع آهن، ماڻهن جو حساب ڪتاب ٿي رهيو آهي. پوءِ ماڻهن جي هن ميڙ ۾ جتي چڱا ۽ برا، ڪافر ۽ مسلمان سمورا جمع آهن، اتي اوهان جي مٿي تي هڪ چمڪندڙ تاج رکيو وڃي ٿو، جنهن جي روشني سج جي روشني کان چڱي هوندي.

(ابوداؤد، 2/ 100، حديث: 1453 ماخوذاً)

ان وقت اوهان ڪيئن محسوس ڪري رهيا هوندا! يقينًا اوهان تمام گهڻا خوش هوندا، جنهن وقت هر شخص کي پنهنجي حساب ڪتاب جي فڪر هوندي ان وقت اوهان جو اهو اعزاز و اڪرام نهايت خوشگوار هوندو.

اسان مان هر هڪ اهو چاهيندو ته قيامت واري ڏينهن اسان کي به اهو اعزاز حاصل ٿئي، قيامت واري ڏينهن اسان جي به تعظيم ڪئي وڃي ۽ اسان جي بخشش به ٿئي. اسان کي به اها سعادت ملي سگهي



تي، اسان جي مٿن تي به اهو عاليشان تاج پارايو وڃي سگهي ٿو، ان جي لاءِ اسان کي هڪ ڪم ڪرڻو پوندو، پنهنجو ۽ خاص ڪري پنهنجي اولاد جو قرآنِ ڪريم سان تعلق مضبوط ڪرڻو پوندو. انهن جي دلين ۾ قرآن ڪريم جي محبت داخل ڪرڻي پوندي. انهن کي قرآن پڙهڻ وارو ۽ ان تي عمل ڪرڻ وارو بڻائڻو پوندو. پوءِ الله جي رحمت سان اسان به ان اعزاز و اڪرام جا اهل هونداسين. اسان به پنهنجي اولاد جو قرآن ڪريم سان تعلق جوڙي سگهون ٿا ان جي لاءِ اسان کي پنهنجي اولاد جون دليون قرآن ڪريم سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ اولاد جون دليون قرآن ڪريم سان ڪيئن جڙنديون؟ ان جي لاءِ چند نڪتا پيش ڪجن ٿا:

(1) اها ڳالهه يقيني آهي ته ٻار والدين کي ڏسي گهڻو سکندو آهي، تنهنڪري پهريان والدين پاڻ پنهنجو تعلق قرآن سان مضبوط ڪن، تلاوتِ قرآن جي عادت بنائن، قرآن ڪريم جي ترجمي ۽ تفسير جو مطالعو ڪن ۽ هن جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، جڏهن ٻار اوهان کي اهو ڪم ڪندي ڏسندا ته اهو انهن جو قرآن ڪريم سان محبت جو پهريون عملي سبق هوندو.

(2) ٻارن جي دلين ۾ واقعن جي ذريعي، حديثن جي ذريعي ۽ آکاڻين جي ذريعي قرآن پاڪ جي محبت ۽ عظمت پيدا ڪيو ته جيئن انهن ذهنن ۾ قرآن جي محبت به پيدا ٿئي، انهن جي ذهنن ۾ به اها ڳالهه ويهي وڃي ته قرآن ڪريم ڪو معمولي ڪتاب ناهي بلڪ نهايت عظيم الشان ڪتاب آهي، هن جي سکڻ ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي. هن طرح ٻار شوق سان هن سعادت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

(3) قرآن پڙهائڻ کي به اهميت ڏيو جيئن دنياوي تعليم کي ڏني ويندي آهي، اسان وٽ اڪثر ڪري قرآن جي تعليم کي ثانوي حيثيت ڏني ويندي آهي، جنهن جي سبب ٻارن جي دلين مان شروع کان ئي قرآن جي عظمت نڪري ويندي آهي ۽ بعد ۾ قرآن سان مشڪل سان تعلق جڙندو آهي.

(4) ٻارن سان قرآن پاڪ جي باري ۾ ننڍا ننڍا سوال پڇيو صحيح ٻڌائڻ تي ڪجهه نه ڪجهه انعام ڏيو ته جيئن قرآني معلومات جو به ذهن ٺهجي. مثال طور سڀ کان ننڍي سورت ڪهڙي آهي؟ پهرين سورت جو نالو ٻڌايو؟ آخري سورت ڪهڙي آهي؟

(5) ٻارن کان ڪو ڪم زبردستي نه ڪرايو بلڪ پيار محبت سان انهن کي تعليمِ قرآن ڏانهن مائل ڪيو ته جيئن انهن کي دڙڪا ڏيڻ يا مارڻ جي ضرورت نه پوي.

(6) جڏهن ٻار کي قرآن پڙهائڻ جو ارادو ڪيو وڃي ته پنهنجي گهر جو ماحول به صاف سٿرو ۽ شور شرابي کان به پاڪ هجي ته جيئن ان سڪون ۽ اطمينان واري ماحول جو ٻار تي مثبت اثر پوي.

(7) ٻار جڏهن قرآن پڙهڻ جو سلسلو شروع ڪري ته ان جي ذهن ۾ اها ڳالهه ويهاريو ته اهو ڪم نهايت عظيم آهي ۽ جيڪي هن ڪم ۾ لڳي ويندا آهن انهن کي اخلاقي برائين مثال طور ڪوڙ، غيبت، چغلي، ڌوڪي وغيره کان پري رهڻ گهرجي، هن سلسلي ۾ عملي طور پاڻ کي به بچايو ۽ پنهنجي اولاد کي به انهن اخلاقي برائين کان بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيو.

محترم والدين! جڏهن اوهان ٻار جي دل ۾ قرآن جي اهميت ۽ عظمت ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويؤ ته پوءِ اوهان کي هن تي وڌيڪ محنت ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي، پر ٻار کي هن مقام تي پهچائڻ جي لاءِ پاڻ به ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ انهن نڪتن تي ٻارن کي به پابندي ڪرائڻي پوندي.

# عُلماءِ كرام جا حقَ

قرآنِ كريم ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

﴿قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ﴾

ترجمو كنزالعرفان: اوهان فرمايو ڇا علم وارا ۽ بي علم برابر آهن؟

(سيپارو: 23، سورت، زُمر: 9)

هن آيت ۾ ۽ قرآنِ كريم جي كيئي آيتن ۾ اهلِ علم جو شان ۽ شوكت جو بيان ٿيو آهي. علم جي وجھ سان ئي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام كي ملائكن تي فضيلت ڏني وئي، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بيشڪ عُلماء ئي انبيا جا وارث آهن، انبيا درهم ۽ دينار جو وارث ناهن بڻائيندا بلڪ اهي مقدس حضرات ته صرف علم جو وارث بڻائيندا آهن ته جنهن ان كي حاصل كري ورتو ان وڏو حصو ماڻي ورتو.

(ترمذی،312/4،حديث:2691)

**عالِم جي تعريف:** اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: عالِم جي تعريف هيءَ آهي ته عقيدن كان پوري طور تي آگاهه هجي ۽ مُستقل هجي ۽ پنهنجي ضروريات كي كتاب مان كڍي سگهي بنا كنهن جي مدد جي. (ملفوظات اعلىٰ حضرت،ص58) اچو عُلماءِ كرام جا كجھ حقَ ڄاڻون ٿا:

**(1) اطاعت كرڻ:** مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: فُقهاء ڏانهن رجوع كرڻ بہ رسول جي ئي طرف رجوع



بنتِ بشير احمد عطّاريہ
(درجہ ثالثہ، جامعۃُ المدينہ گرلز صابري كالوني، اوكاڙ)

ڪرڻ آهي ڇو جو فُقهاءِ حضور جو ئي حڪم ٻڌائيندا آهن. جيئن حضور جي اطاعت الله جي اطاعت آهي ائين ئي عالمِ دين جي فرمانبرداري رسولُ الله جي فرمانبرداري آهي.

(نور العرفان، ص137، 138)

**(2) تعظيم ڪرڻ:** عُلماءِ ڪرام جي تعظيم ڪرڻ هر هڪ تي لازم آهي. اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاوٰي رضويه جلد 23 صفحو 649 تي عُلماءِ دين جي توهين جي مُتعلق هڪ سوال جي جواب ۾ فرمائن ٿا: سخت حرام، تمام سخت گناهه، عالمِ دين سُني صحيحُ العقيده جيڪو ماڻهن کي حق جي طرف سڏي ۽ حق ڳالهه ٻڌائي محمد رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نائب آهي ان جي تحقير معاذَ الله مُحمد رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي توهين آهي.

**(3) اعتراض کان بچڻ:** عُلماءِ ڪرام تي اعتراض ڪرڻ سخت جرم آهي. اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: حقيقتاً عالمِ دين، هاديءِ خلق، سني صحيحُ العقيده هجي، عوام کي ان تي اعتراض، ان جي افعالن ۾ عيبَ ڪڍڻ، ان جا عيب ڳولڻ حرام حرام حرام ۽ سخت محرومي جو باعث ۽ بدنصيبي آهي.

(فتاوٰی رضويه، 8 / 97)

**(4) شريعت جي احڪامن ۾ عُلماء تي ڀروسو ڪرڻ:** اسان کي گهرجي ته ديني مسئلن ۾ انهن تي اعتماد ڪري انهن جي ٻڌايل فتوائن ۽ مسئلن تي عمل ڪيون ڇو جو اهي نائبِ رسول آهن. حديثِ پاڪ ۾ آهي: عالِم زمين تي الله جو امين هوندو آهي.

(جامع بيان العلم و فضله،ص74،حديث: 225)

**(5) مدد ۽ نصرت ڪرڻ:** اسان کي هر طرح سان انهن جي نصرت ۽ حمايت ڪرڻ گهرجي، انهن جي امداد ۽ استعانت تي هر وقت تيار رهڻ گهرجي اها زبان جي ذريعي هجي يا مال جي ذريعي. انهن جي باري ۾ بُرو ٻڌڻ کان به بچيو وڃي.

ياد رکو! هي تمام فضيلتون عُلماءِ حق کي حاصل آهن. اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه لکن ٿا: صرف عُلماءِ اهلسنّت جي ئي تعظيم ڪئي وڃي. رهيا بدمذهب عُلماء ته انهن جي پاڇي کان به ڀڄو جو انهن جي تعظيم حرام، انهن جو بيان ٻڌڻ انهن جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ۽ انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ حرام ۽ ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل آهي.

(ڪفريه ڪلمات کے بارے میں سوال جواب،ص 359)

الله اسان کي عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جي حقن جي ادائيگي ڪندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .



# پنهنجي مڙس جو ساٿ ڏيو

اسلام پنهنجي مڃڻ وارن کي نڪاح جي صورت ۾ هڪ بهترين ۽ مضبوط نظام عطا فرمائي ڪري زال مڙس ٻنهي کي هڪ ٻئي جي حقن جو خيال رکڻ جو درس ڏنو آهي ته جيئن افراط و تفريط کان پاڪ معاشري جي بنياد قائم رهي، هن سلسلي ۾ جتي مرد کي هن ڳالهه جو پابند بڻايو ويو آهي ته اهو پنهنجي زال جو خيال رکي، ان جا حق ادا ڪري ۽ ان سان ملي ڪري زندگي گذاري اتي زال جي ذميداري ۾ به اها ڳالهه شامل ڪئي وئي آهي ته اها به پنهنجي مڙس سان سٺي انداز ۾ پيش اچي، ان جي ضرورتن جو خيال رکي ۽ ان جي لاءِ سڪون جو سبب بڻجي، نه ايئن جو پنهنجي مڙس تي فرمائشن جو ايترو وزن رکي جو اهو پريشان ٿي ڪري الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي جيڪو هلاڪت جو سبب آهي، جيئن ته هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ان شخص کان علاوه ڪنهن دين واري جو دين محفوظ نه رهندو جيڪو پنهنجي دين کي کڻي هڪ جبل کان ٻئي جبل ۽ هڪ سوراخ (غار) کان ٻئي سوراخ ڏانهن ڀڄي، ان وقت معيشت جو حصول الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ کان بغير نه هوندو، جڏهن اها صورت حال هوندي ته انسان پنهنجي زال ۽ ٻارن ٻچن جي ڪري هلاڪت ۾ پئجي ويندو، صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُمۡ عرض ڪئي: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اهو ڪيئن ٿيندو؟ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اهي هن کي معيشت جي تنگ هجڻ سبب شرم ڏياريندا. ان وقت اهو پنهنجو پاڻ کي هلاڪت جي جاين ۾ وني ويندو.

(الزهد الکبير للبيهقی، ص183، حديث: 439)

هن حديث پاڪ ۾ مردن سان گڏوگڏ انهن عورتن جي لاءِ به نصيحت آهي جو جيڪي پنهنجي مڙسن کي انهن جي آمدني تي طرح طرح جا طعنا ڏينديون آهن، لهذا هو ان جون بيجا فرمائشون پوريون ڪرڻ جي لاءِ حرام ۽ حلال جي

پرواهه ناهي ڪندو ۽ ناجائز ذريعا اختيار ڪري پنهنجي قبر ۽ آخرت کي وڃائي ويهندو آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو هن ڳالهه جي ڪا پرواهه نه هوندي ته ان(مال) ڪٿان حاصل ڪيو حرام ذريعي يا حلال ذريعي.

(بخاری، 7/2، حدیث:2059)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني آخري زماني ۾ ماڻهو دين کان بي پرواهه ٿي ويندا، پيٽ جي فڪر ۾ هر طرح ڦاسي پوندا، آمدني وڌائڻ، مال جمع ڪرڻ جي فڪر ڪندا، هر حلال و حرام وٺڻ تي دلير ٿي ويندا جيئن ته اڄڪلهه عام آهي.

(مرآۃالمناجیح،229/4)

ان ڪري عورتن کي گهرجي ته پنهنجي مڙسن کي آزمائش ۾ نه وجهن، انهن تي گهڻو بار نه بڻجن بلڪ هر اعتبار سان ممڪنه صورت ۾ انهن جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، پڻ حضرت بيبي خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي سيرت مبارڪ تي غور ڪيو ته انهن ڪهڙي طرح مشڪل کان مشڪل وقت ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان هر طرح جي مدد ڪري هڪ مخلص، باوفا، خيرخواهه ۽ اطاعت گذار گهرواري ٿيڻ جو ثبوت ڏنو.

الله پاڪ مسلمان عورتن کي حضرت بيبي خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو صدقو نصيب فرمائي ۽ سندن پاڪيزه سيرت تي عمل ڪرڻ جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

# ڊيمنشيا (Dementia)

ڊاڪٽر زيرڪ عطاري

ويسَر جي بيماري يا وري يادداشت جي عارضي کي ماهرينِ نفسيات ڊيمنشيا جو نالو ڏيندا آهن.

هن مضمون ۾ اسان ان بيماري جون بنيادي علامتون، ان جا سبب ۽ حفاظتي تدبيرون ڄاڻينداسين.

ڊيمنشيا عام طور 65 سال کان وڏي عُمر جي ماڻهن کي ٿيندو آهي، ويسَر هڪ فطري عمل بہ آهي، اسان مان ڪو ھي دعوٰي نہ ٿو ڪري سگهي تہ هو روزانو جي بنياد تي هر شيءِ ياد رکندو آهي ائين ممڪن ئي ناهي. ڪڏهن اسان ڪٿي چابيون رکي ڪري ڀُلجي ويندا آهيون تہ ڪڏهن موبائل، ڪنهن کي تہ پنهنجي عينڪ ڏينهن ۾ ڪيئي ڀيرا ڳولڻي پوندي آهي ۽ ڪجھ لکڻ جي ضروت پئجي وڃي تہ ھي ڳالھ وِسري وڃڻ جڻ تہ هڪ عالمي مسئلو آهي جو پين رکي ڪٿي هئي.

تہ ڇا هي سڀ ڊيمينشيا جون علامتون آهن؟ فڪرمند ٿيڻ جي ضرورت ناهي، ان جي صورتن جو تعلق ڊيمينشيا سان هرگز نہ آهي ڇو جو ڊيمنشيا کان علاوه بہ معمولي يا عارضي ڀُل چُڪ جون ڪجھ وجوهات هونديون آهن سو انهن جي بنا تي وسري وڃڻ ڊيمنشيا ناهي هوندو، انهن مان ٿي وجوهات هيٺ ذڪر ڪجن ٿيون:

**(1) توجھ نہ ڪرڻ:**

اسان جي روزانو جي ويسَر توجھ نہ



ڪرڻ جي وجھ سان ھوندي آھي. چو جو جڏھن ھڪ ئي وقت ۾ اسان ڪيئي ڪمن جي حوالي سان سوچي رھيا ھوندا آھيون تہ تڙيل سوچن جي وجھ سان اسان ڪجھ شيون ويساري ڇڏيندا آھيون. عام طور ڪمن جي فھرست ناھڻ سان ھي مسئلو حل ٿي ويندو آھي. تنھنڪري ھي ڊيمينشيا جي صورت نہ آھي.

### (2) عارضي ذھني دٻاءُ:

جيڪڏھن ڪو وقتي طور تي ذھني دٻاءُ يا ڊپريشن جو شڪار ٿي وڃي تہ ان جي بہ يادداشت تي ڪافي اثر پوندو آھي پر ھي سڀ عارضي ھوندو آھي، جيئن جيئن ذھني دٻاءُ گھٽ ٿيندو آھي يا ڊپريشن ۾ بھتري ايندي آھي تہ يادداشت بہ بھتر ٿيڻ شروع ٿي ويندي آھي تنھنڪري ھي ڊيمينشيا نہ آھي. پر جيڪي ماڻھو ڊگھي عرصي تائين ذھني دٻاءُ يا ڊپريشن جو شڪار رھندا آھن انھن ۾ ڊيمينشيا ٿيڻ جو خطرو وڌي ويندو آھي.

### (3) پوڙھائپ:

اسان پوڙھائپ جون ڏاڪڻون چڙھندا آھيون تہ اسان جي سوچڻ جي صلاحيت ۾ اھا تيزي ناھي رھندي، مطلب تہ اسان جو ري ايڪشن ٽائيم سست ٿي ويندو آھي، جيڪا ڳالھ جواني ۾ ھڪ سيڪنڊ ۾ ياد اچي ويندي آھي شايد پوڙھائپ ۾ ٿي پيرا وڌيڪ وقت لڳندو ھجي پر ھي بہ نارمل آھي ڊيمينشيا نہ آھي.

ھاڻي اچو ان ويسر جي طرف جنھن جو سبب ڊيمينشيا ٿي سگھي ٿو، ھيٺ ذڪر ڪيل علامتون ھن ڳالھ ڪي ظاھر ڪن ٿيون تہ مُتعلق شخص ڊيمينشيا جي شروعات ۾ آھي:

- ويجھي رشتيدارن مثال طور گھرواري يا مڙس، ٻارن جا نالا، پُوٽن پوٽين يا ڏوھٽن ڏوھٽين جا نالا بار بار وسري وڃڻ.
- اپائنٽمنٽس جو وسري وڃڻ مثلاً ڊاڪٽر جي اپائنٽمنٽس.
- جيڪڏھن ڪا دوا ڪائيندو آھي تہ مختلف وقتن جي دوا ڪائڻ وسري وڃڻ يا صبح، منجھند يا شام جي خوراڪ مڪس ڪري ڇڏڻ.
- ذاتي صفائي سترائي (Personal Hygiene) جو متاثر ٿي وڃڻ مثال طور ڏندن جي صفائي، پاڪائي ناپاڪائي جو خيال نہ رکڻ، ميرن ڪپڙن ۾ ئي رھڻ، وارن ۾ ڦڻي نہ ڪرڻ.
- گھر جي صفائي سترائي متاثر ٿيڻ
- ڊاڪ جي ذريعي ملڻ وارن خطن جو نہ کولڻ يا پوءِ برقي ڊاڪ (E-mail) جي معاملن ۾ ڪوتاھي ڪرڻ.
- وقت تي بل جي ادائيگي جا مسئلا.
- بنيادي ضروريات جي خريداري جا مسائل مثال طور ناشتي جو سامان وٺڻ وسري وڃڻ يا خريداري جي وقت ڪيش

ڪيتري ڏيٺي آهي يا بقايا گهٽي ٿيندي ان جي خبر نہ پوڻ.

- ❁ رستو وسري وڃڻ خاص ڪري جيڪڏهن نئين جڳهہ وڃڻو هجي
- ❁ نئين انفارميشن کي ياد رکڻ جي مُشڪل. مثال طور پوٽا پوٽيون يا ڏوهٽا ڏوهٽيون جيڪي پيدا ٿيا انهن جو تعداد يا انهن جي سڃاڻپ وغيره.
- ❁ روزانو جا ڪمَ متاثر ٿي وڃڻ چانهہ ناهڻ يا ڪاڌو تيار ڪرڻ، ڪڏهن ڪاڌي ٺاهڻ جا اجزاء شامل ناهن هوندا تہ ڪڏهن چلهو ٻرندو ئي رهجي ويندو آهي.
- ❁ گهرَ جا دروازا کُليل رهجي وڃڻ جنهن سان چوري چڪاري جو خطرو وڌي ويندو آهي.

هي تمام علامتون شارٽ ٽرم ميموري (Short-term memory) جي زمري ۾ اچن ٿيون. مطلب هي تہ روزانو جي ڪمن جي لاءِ جنهن يادداشت جي اسان کي ضرورت هوندي آهي. انهن مان جيڪڏهن ڪا علامت اوهان پنهنجي ڪنهن رشتيدار ۾ لهو تہ اوهان ڊيمينشيا جو ضرور سوچيو. اهڙو شخص پنهنجن انهن مسئلن کان بلڪل ناواقف هوندو ۽ اهو هن ڳالهہ جو انڪار ڪري ڇڏيندو تہ ان سان اهڙو ڪو بہ مسئلو آهي. ۽ واقعي اهي پنهنجي انهن مسئلن کان ناواقف هوندا آهن چو جو ان بيماري جي سڃاڻپ هي بہ آهي تہ متاثر شخص نہ صرف پنهنجي بيماري کان ناواقف هوندو آهي بلڪ ان جي سڃاڻپ ڪرائڻ واري تي بہ ناراضگي جو اظهار بہ ڪندو آهي.

ڊيمينشيا جو مريض اڪثر هڪ غلطي ڪندو آهي ۽ اها هيءَ تہ باقاعده پنهنجي مرض جو علاج ڪرڻ جي بدران پنهنجي شارٽ ٽرم ميموري پرابلم جو ازالو پنهنجي پُراڻي يادن کي ياد ڪري ڪندو آهي. پنهنجي جواني جا واقعات اهو ائين بيان ڪندو آهي جو ٻڌڻ وارو تصور ئي ناهي ڪري سگنهدو جو ان سان ڪو يادداشت جو مسئلو هوندو. علاج کان غفلت جي نتيجي ۾ آخر ڪار هڪ اسٽيج ايندو جو مريض جون پُراڻيون يادون بہ متاثر ٿيڻ شروع ٿي ويندريون. پر هي تمام آخر ۾ اچڻ واري علامت آهي، تيسيتائين ڊيمينشيا تمام ايڊوانس اسٽيج تائين پهچي چڪو هوندو آهي. ايڊوانس اسٽيج ڊيمينشيا جون علامتون هيٺ ذڪر ڪجن ٿيون:

- ❁ مريض ريٽائرڊ ٿيڻ جي باوجود سوچيندو آهي تہ ان کي ڪم تي وڃڻو آهي تنهنڪري اهو ان جي تياري بہ شروع ڪري ڏيندو آهي ۽ ان کي روڪڻ تمام مُشڪل هوندو آهي.
- ❁ مرحوم والدين جي وفات کي يلجي وڃڻ آهي ۽ سمجهندو آهي تہ اهي زنده آهن، انهن جي تلاش بہ ڪندو آهي ۽ هي بہ سوچيندو آهي تہ انهن جي سار سنڀار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

- ذهنن ۾ رات جي روٽين متاثر ٿي ويندي آهي، پوري پوري رات جاڳڻ روزانو جو عمل بڻجي ويندو آهي.
- جيئن جيئن بيماري وڌندي آهي ته مريض پنهنجي ذهني طور تي پوئين سالن جي زندگي ۾ هليو ويندو آهي، ايستائين جو اهو سوچيندو آهي ته ان جا پنهنجا ٻار ننڍا آهن اجان انهن جي سار سنڀار ڪرڻي آهي.
- موجوده رشتيدارن جي سڃاڻپ بلڪل ختم ٿي ويندي آهي ۽ خاندان وارن جي لاءِ هي معاملو ايتري قدر ڏکيو هوندو آهي جو انهن جي احساسات کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي.
- مريض موجوده گهر کي ڇڏي ڪري پنهنجي ننڍپڻ واري گهر وڃڻ چاهيندو آهي، ان گهر جي بنا ڪين هر لمحو تڪليف ۾ گذرندو آهي.
- مريض بلڪل ٻار جيان ٿي ويندو آهي. جهيڙو جهڳڙو، گار گند ۽ اهڙي گفتگو ۽ افعال ڪندو آهي جنهن جو تصور به ان جي شخصيت جي منافي هوندو آهي.

## حفاظتي تدبيرون

ڊيمينشيا کان حفاظت جي لاءِ هنن شين کي مدِ نظر رکڻ ۽ انهن کان بچڻ ضروري آهي جيڪي ڊيمينشيا جي خطري کي وڌائي ڇڏينديون آهن. انهن مان ڪجهه هي آهن:

- سگريٽ پيئڻ
- شراب پيئڻ (ياد رهي! شراب دين اسلام ۾ حرام آهي)
- ذيابيطس
- رت جو پريشر وڌڻ (High Blood Pressure)
- ڪوليسٽرول جو وڌڻ
- فالج. (اڌ رنگو)

انهن کان علاوه انهن شين کي مدِ نظر رکڻ ۽ اپنائڻ به مُفيد آهي جن سان ڊيمينشيا ٿيڻ جو خطرو گهٽ ٿي ويندو آهي انهن مان ڪجهه هي آهن:

- مُتوازن غذا
- روزانو جي بنياد تي ورزش (جيڪڏهن اوهان جو ڪم آفيس ۾ آهي يا وري اوهان جو ڪم ايتري محنت طلب ناهي ڪندو)
- اعلٰي ديني تعليم جو هجڻ مثال طور عالم، مُفتي، علمِ دين پڙهڻ وغيره
- ذهن کي لڳاتار استعمال ۾ رکڻ مثال طور نوان علم سکڻ، نوان طريقا اختيار ڪرڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ
- ماڻهن سان ميل جول رکڻ
- گناهن کان بچڻ وغيره

الله پاڪ اسان سڀني کي ۽ اسان جي چاهڻ وارن کي هن بيماري کان بچائي، اٰمين. جيڪڏهن اوهان پنهنجي رشتيدار ۾ ڊيمينشيا جون شروعاتي اسٽيج يا وري ايڊوانس اسٽيج جون علامتون لهو ته فوراً ڪنهن ماهر معالج سان رجوع فرمايو، عام طور هن بيماري جي تشخيص ۽ علاج ماهرينِ نفسيات ئي ڪندا آهن، نفسيات جو هڪ شعبو (Old Age Psychiatry) پوڙهائپ جي نفسياتي بيمارين جو آهي. عام طور انهيءَ شعبي سان وابسته ماهرينِ نفسيات ڊيمينشيا جي تشخيص ۽ علاج به ڪندا آهن.

زندگي جو ڪتاب

ابو رجب عطاري مدني



# خانداني جهيڙا
## (Family Quarrels)

**وڏو ڀاءُ روئڻ لڳو:** ڪجھ عرصو پهريان سوشل ميڊيا تي هڪ جذباتي وڊيو وائرل ٿيو هيو جنهن جو پسِ منظر هي آهي ته ننڍي ڀاءُ کي رقم جي ضرورت پوڻ تي پريشاني کان بچڻ جي لاءِ وڏي ڀاءُ پنهنجي گاڏي وڪڻي ڪري ان جي مدد ڪئي. ننڍي ڀاءُ حالات بهتر ٿيڻ تي پنهنجي ڀين ڀائرن سان مشورو ڪيو ته اسان ٽئي ملي ڪري وڏي ڀاءُ کي نئين ڪار تحفي ۾ سرپرائز ڏيون ٿا. بهرحال نئين ڪار گهر ۾ اچڻ کان بعد ننڍي ڀاءُ پنهنجا هٿ وڏي ڀاءُ جي اکين تي رکيا انهن کي ڪار جي ويجهو آڻي ڪري هٿ هٽائي ڇڏيا، ۽ جيئن ئي نئين ڪار جي تحفي جي باري ۾ ٻڌايو ته وڏو ڀاءُ جذبات تي قابو نه رکي سگهيو ۽ پنهنجي ڀاءُ جي سيني سان لڳي ڪري روئڻ لڳو. وڏي ڀاءُ جو چوڻ هو ته هي سرپرائز منهنجي سوچ کان تمام وڏو هو، اسان چئن ڀائرن جي هڪٻئي ۾ (جڻ ته جان آهي اسان هڪٻئي جي بنا نٽا رهي سگهون، الله اسان جي اتفاق ۽ محبت ۾ وڌيڪ اضافو ڪري. بنا شڪ جي اتفاق ۾ برڪت آهي، اسان جو مذهب اسلام به اسان کي اها ئي تعليم ڏي ٿو ته هڪٻئي جي ڏکَ سُک ۾ گڏ رهڻ گهرجي.

**ماهنامہ فيضانِ مدينہ کي پڙهڻ وارؤ!**

قربانين جا هن طرح جا ڪيئي واقعات منظرِ عام تي ايندا رهندا آهن مثال طور هڪ عرب مُلڪ ۾ پوڙهي ماءُ پيءُ جو خيال رکڻ تي شادي شُده ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ کي نئين ڪار تحفي ۾ پيش ڪئي ڪراچي ۾ هڪ ڇوڪريءَ صرف ان ڪري شادي نه ڪئي جو ان جي ڀاڄائي کي ڪينسر هو ۽ اها پنهنجي ٻارن کي سنڀالي نه سگهندي هئي ۽ اها ڇوڪري پنهنجي ڀائٽن ۽ ڀائٽين کي سنڀاليندي هئي، ٻارهن تيرهن سالن جو هڪ معذور ٻار پنهنجي ننڍي ڀيڻ کي سائيڪل تي ويهاري ڪري پاڻ پيادل سائيڪل پڪڙيندو ۽ ان کي اسڪول ڇڏڻ ويندو هو انکري ته منهنجي ڀيڻ ننڍي آهي گهڻو هلڻ تي ٿڪجي پوندي، ان کان بعد پنهنجي

اسڪول ويندو هو. هن طرح جا ڪيئي واقعات اوهان جي ويجهو بہ ٿيا هوندا.

## سوشل لائف ۾ خاندان جي اهميت ۽

**فائدا:** انسان هن دنيا ۾ اڪيلو ايندو آهي ۽ اڪيلو ئي هن دنيا مان رخصت ٿيندو آهي پر دنيا ۾ زندگي اڪيلو ناهي گذاريندو، اهو قدم قدم تي پنهنجي خاندان، قبيلي، قوم ۽ معاشري جي ٻين انسانن جو محتاج هوندو آهي. سوشل لائف ۾ انسان جي سڀ کان پهرين وابستگي پنهنجي خاندان سان هوندي آهي جيڪو ان جي ماءُ پيءُ، ڏاڏي ڏاڏِي، ناني نانِي، پُڦي، ماسي، چاچو، مامو ۽ ڀيڻ ڀاءُ وغيره تي مُشتمل هوندو آهي، هي تمام رشتا انسان جي دنيا ۾ پيدائش سان وجود ۾ اچي ويندا آهن. رشيدار تمام پياري شيءِ هوندا آهن هي انسان کي سڃاڻپ ۽ شناخت ڏيندا آهن، ان جي زندگي کي آسان ۽ بارونق بڻائي سگهن ٿا. هڪ مثالي خاندان جي اهميت کي 6 پوائنٽس جي مدد سان سمجهي سگهو ٿا:

(1) انسان جي تمنا هوندي آهي تہ دنيا ۾ ڪو اهڙو هجي جيڪو ان سان ايترو مخلص هجي جو ان جي فائدي ۽ نقصان کي پنهنجو فائدو ۽ نقصان سمجهي، هي اخلاص ۽ پنهنجائپ انسان کي سڀ کان پهريان ان جا خانداني رشتا فراهم ڪندا آهن.

(2) خاندان جا ماڻهو هڪٻئي جي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۽ سار سنڀار ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن، ڏاڏي ڏاڏِي، ناني نانِي جي لهجي جي مناڻ ۽ سبق آموز ڪهاڻيون ٻڌائڻ، آڱر پڪڙي ڪري هلڻ سيکارڻ، مامي يا چاچي جو ان کي ٻاهر جو سير ڪرائڻ، ڪائڻ پيئڻ جون شيون وٺي ڏيڻ، ماسي يا پُڦي وغيره جو اٿڻ ويهڻ، ڳالهہ ٻولهہ، سمهڻ اٿڻ جا آداب سيکارڻ ٻار جي شخصيت جي تعمير ڪندو آهي، ائين ٻارن ۾ خود اعتمادي ايندي آهي ۽ اهي مختلف مزاج ۽ اهميت جي ماڻهن جي درميان رهڻ سڪي وٺندا آهن، اهي ئي خصوصيتون ان کي معاشري جو اهم فرد بڻائي ڇڏينديون آهن.

(3) پوڙهن، ڪمزورن، يتيمن، بيواهن، غريبن ۽ مظلومن کي سهاري جي وڏي ضرورت هوندي آهي، هي ضرورت هڪ خاندان چڱي طرح پوري ڪري سگهي ٿو، ائين ئي آزمائش ڪنهن تي بہ اچي خاندان وارا ملي ڪري ان جي لاءِ بادل(ڪڪرَ) بڻجي ويندا آهن ۽ ان کي آزمائشن جي سخت اُسَ کان بچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن.

(4) خوشيون ورهائڻ سان وڌنديون آهن، خاندان وارا هڪٻئي جي خوشين جي موقعي تي بہ ڀَرپور طور طريقي سان شريڪ ٿي ڪري خوشي ۾ اضافو ڪندا آهن.

(5) جوان اولاد جي رشتي جي ڳولها بہ اهم، نازڪ ۽ مشڪل مرحلو آهي، خاص ڪري اهڙي فيملي ۾ رشتو ڪرڻ جنهن کي اوهان پهريان کان نہ سڃاڻيندا هجو، تمام وڏو رسڪي معاملو هوندو آهي جنهن جا نتيجا اميدن جي برعڪس (ابتڙ) بہ نڪري سگهن ٿا، اهڙي ۾ جيڪڏهن پنهنجي خاندان ۾ سُٺو رشتو ملي وڃي تہ هي مرحلو بہ ڪافي حد تائين آسان ٿي ويندو آهي.

(6) ڪيئي اسلامي احڪامن ۾ خاندان کي پيشِ نظر رکيو ويو آهي جهڙوڪ صلہِ رحمي، نڪاح جو حلال يا حرام هجڻ، مهرِ مثل جا مسائل، ميراث جي تقسيم، يتيم جي ڪفالت، ٻارن جي پرورش، نان نفقو، رهائش ۽ پردي جا مسائل وغيره (انهن جي تفصيل بهارِ شريعت وغيره فقهي ڪتابن ۾ ڏسي سگهجي ٿي).

## موجوده دور جو خاندان انتشار جو شڪار ڇو؟

اهڙيون خوبيون رکڻ وارو خاندان قابلِ رشڪ آهي پر موجوده دور ۾ مُشاهداتي، تجرباتي ۽ معلوماتي تجزيو هي آهي تہ معاشري جي ڪوڙ خرابين وانگر خانداني نظام جو بگاڙ بہ هڪ حقيقت آهي. بدقسمتي سان اهو خاندان جيڪو محبتن جو داستان هو اڄ نفرتن جي ڪهاڻي بڻجي ڪري رهجي ويو، اهو خاندان جنهن کي مُشڪلن کي آسان ڪرڻو هو سو هڪٻئي جي آسانين کي مُشڪل بڻائي رهيو آهي، اهو خاندان جنهن کي پاڻ ۾ خوشيون ورهائڻيون هيون اڄ ان جا ماڻهو هڪٻئي کي ڏُک ڏئي ڪري خوش ٿيندا آهن، اهو خاندان جيڪو هڪٻئي کي ڏسي خوش ٿيندو هو ان جا ڪيئي ماڻهو اڄ هڪٻئي جي شڪل ڏسڻ بہ پسند ناهن ڪندا! اهو خاندان جنهن ۾ اتحاد ۽ اتفاق هجڻ گهرجي ها اڄ انتشار ۽ گروپنگ جو شڪار ٿي ڪري ننڍن ننڍن ٽڪرن ۾ ورهائجي چڪو ڪنهن جي پنهنجي ڀيڻ سان نہ ٿي نهي تہ ڪنهن جي پنهنجي ڀاءُ سان ڳالهہ ٻولهہ ناهي، ڪو پنهنجي ڀائٽي کان رُٺل آهي تہ ڪو پنهنجي ڀاڻيجي کان ناراض آهي، پوءِ جهيڙو ٻن ماڻهن تائين ناهي رهندو بلڪ گهرَواريءَ ٻارن تي بہ پابندي لڳائي ويندي آهي تہ خبردار توهان فلاڻي جي گهر ويا، پوءِ جڏهن صلح ٿيندي آهي تہ وڃڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي، ٻارن کي هي بہ خبر ناهي پوندي تہ اسان کي روڪيو ڇو هيو ۽ هاڻي وڃڻ ڇو ڏنو؟ اهي پنهنجو قصور ڳوليندا رهندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن تہ هي جهيڙا ٻارن جي دلين ۾ نفرت جو ٻج پوکي ڇڏيندا آهن! خاندان ۾ نہ ڪنهن جي غلطيءَ تي پردو وجهڻ جو حوصلو نہ معاف ڪري ڇڏڻ جي همت! نہ ننڍن تي شفقت سلامت آهي نہ وڏن جي عزّت! هي مجون ٿا تہ هر هڪ خاندان ائين ناهي پر اڪثريت ڪهڙن خاندانن جي آهي ان جو فيصلو اوهان پاڻ ڪري وٺو!

**بگاڙ جا سبب:** آخر هي خانداني نظام ايتري قدر خالي ڇو ٿيو؟ غور ڪيو وڃي ته ان جا 14 بنيادي سبب ٿي سگهن ٿا:

(1) هزارين خوبيون ڇڏي ڪري ڪجھ خامين کي پڪڙيو ويندو آهي جيڪو ظاهر آهي سامهون واري جي دل مان محبت کي ڪيندو آهي داخل ناهي ڪندو.

(2) غير موجودگي ۾ بُرايون ڪرڻ جي نحوست يعني غيبت، ويڙهائڻ جي عادت، هڪٻئي جي باري ۾ بدگمانيون ڪرڻ، گناهن جي تهمت لڳائڻ ته فلاڻي جي ڌيءُ هيئن آهي فلاڻي جي گهرواري هونئن آهي، فلاڻو فلاڻو رشتيدار ملي ڪري منهنجي خلاف سازش ڪري رهيا آهن، فلاڻي کي هيءُ نعمت ڇو ملي؟ فلاڻو خوشحال ڇو آهي؟ هي تمام انداز منفي آهي جو ظاهر آهي رزلٽ به منفي ئي ڏيندا.

(3) هر هڪ جي ڏنل منفي ڳالهين تي بنا تحقيق يقين ڪري وٺڻ به خاندان جي ماڻهن کي هڪٻئي کان پري ڪري ڇڏيندو آهي.

(4) منصب جي مطابق سلوڪ نه ڪرڻ به دوري جو سبب بڻجندو آهي، ظاهر آهي پينو کي ڪجھ ڏئي ڪري دروازي تان ئي موٽايو ويندو آهي ۽ معزز مهمان کي گهر ۾ ويهاري ڪري چانھ پيش ڪئي ويندي آهي، جڏهن اسان ڪنهن جي حيثيت جي مطابق سلوڪ نه ڪنداسين ته اهو خوشيءَ ۾ جهومندو يا صدمي ۾ چور ٿيندو؟ فيصلو اوهان پاڻ ڪيو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اوهان جو پٽ يا ڌيءَ پاڻ کان وڏي عُمر جي رشتيدار مثال طور چاچي يا مامي سان سخت لهجي ۾ بدتميزي سان ڳالهائي ته ان کي روڪڻ سمجهائڻ اوهان جو اخلاقي فريضو آهي، ان وقت اوهان جي خاموشي کي وڏي جي توهين تي رضامندي سمجهيو ويندو جيڪو ظاهر آهي ان جي حيثيت جي خلاف هوندو، هڪ ٻي ڳالھ: جڏهن اوهان جو اولاد پاڻ کان وڏن جو احترام ويساري ڇڏيندو ته سياڻي انهن جا هٿ اوهان جي ڳلي تائين به پهچندا انهن جي زبان اوهان جي شان ۾ به "ڳُلَ" ڇٽيندي، ان وقت اوهان کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿيندو ان ڪري اڄ سنڀلجي وڃو.

(5) ڪنهن جي خوشين تي ان کي مبارڪ نه ڏيڻ يا غم ۾ ان جي دلداري ۽ همدردي نه ڪرڻ به رشتيدارن ۾ دوري پيدا ڪندو آهي.

(6) مصيبت ايندي آهي ۽ هلي به ويندي آهي پر انسان ٻن چهرن کي ڪڏهن به ناهي ويساريندو هڪ ساٿ ڏيڻ وارن جي ۽ ٻيو ساٿ ڇڏڻ وارن جي جيڪڏهن اسان مدد تي قدرت رکڻ جي باوجود پنهنجي رشتيدارن جي مدد نه ڪيون ته ان جي دل ٽُٽي سگهي ٿي.

(7) مالدار ٿيڻ کان بعد تڪبر جو شڪار ٿي ڪري خاندان جي مالي طور تي ڪمزور ماڻهن کي حقير سمجهڻ جي وجهه سان بہ خاندان نفرتن جو شڪار ٿي ويندو آهي.

(8) خاندان جي ڪنهن فرد جي ڪنهن معاملي ۾ ناانصافي ٿي وڃڻ تي صبر ۽ برداشت سان ڪم نہ وٺڻ، دل وڏي ڪري بُرائي جو بدلو ڀلائي سان نہ ڏيڻ بہ دوري جو سبب آهي، اهڙيءَ طرح جا نتيجا غلطي تي ضد ڪرڻ ۽ معافي نہ گهرڻ جا بہ هوندا آهن.

(9) اسان جو رکو رکو رويو بہ خانداني محبتن جو فصل برباد ڪرڻ جو سبب بڻجندو آهي.

(10) چيو ويندو آهي ”اوڌر محبتن جي قائنچي آهي“ قرض وٺي ڪري وقت تي واپس نہ ڪرڻ، لڳاتار گهرڻ جي باوجود بي نيازي جو انداز هڪٻئي کان پري ڪري سگهي ٿو.

(11) جائيداد جو جهيڙو هڪ نہ ٻئي خاندان ۾ پلجي ۽ هلي رهيو هوندو آهي، جنهن جي وجهه سان خاندان ۾ گروپنگ ٿي ويندي آهي.

(12) ٻارن جي معاملن جي وجهه سان بہ دلين ۾ دوري ٿي ويندي آهي جو هن جي ٻار منهنجي ٻار کي ماريو، هيئن چيو، يا هن جو ٻار پڙهائي ۾ چڱو، منهنجو ڪمزور ڇو آهي؟

(13) شادي جي لاءِ رشتو موڪلڻ جو نهايت سادو اصول آهي تہ رشتو گهرڻ اوهان جو حق آهي ۽ ان کي قبول ڪرڻ يا انڪار ڪرڻ سامهون واري جو حق آهي، پر ڪجهه ماڻهو ننڍڙي ڳالهه کي وٺي ڪري اهڙو تماشو ڪندا آهن جو الامان والحفيظ، فلاڻي هن رشتي کان آخر منع ڇو ڪيو؟ منهنجي اولاد ۾ ڪهڙي ڪَمي هئي، يا فلاڻي رشتيدار سازش ڪري هي رشتو نہ ٿيڻ ڏنو، حالانڪ شادي اتي ٿيندي آهي جتي نصيب ۾ لکيل هوندو آهي انهيءَ کي عوامي زبان ۾ هيئن چيو ويندو آهي ”جوڙا آسمان تي ٺهندا آهن“ ان ڪري رشتي کان انڪار تي دشمنيون ڪرڻ جي بدران تقدير جي لکيل تي يقين ڪيو وڃي تہ خاندان الڳ ٿيڻ کان بچي سگهي ٿو.

(14) ڪجهه خاندانن ۾ ائين بہ ٿيندو آهي تہ سڀ ئي ڀائرَ وڏي اتفاق ۽ پيار سان رهي رهيا هوندا آهن پر جيئن ئي انهن جون شاديون ٿينديون آهن ۽ گهرواريون گهر اينديون آهن تہ سَس نُنهن، ڏاڻ ڀاڄائي، ڏيرياڻين وغيره جي جهيڙن جي سبب سان خاندان ٽُٽي ويندو آهي.

**ان جو حل ڇا آهي؟:** خانداني رشتن کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ سڀ کان پهريان انهن کي ڪمزور ڪرڻ وارين ڳالهين کان بچو ان کان علاوه اسلام جي روشن تعليمات تي عمل اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان جي

خاندان کي مثالي خاندان بڻائي ڇڏيندو جيئن هڪٻئي جو احترام، حقن جي ادائيگي، زبان جي نرمي، لهجي جي مٺاڻ، وڏن جي عزت، ننڍن تي شفقت، غمگينن جي دلجوئي ڪرڻ، ناڪامي تي حوصلو وڌائڻ، مصيبت ۽ مُشڪل ۾ ساٿ ڏيڻ، خوشين ۽ غمگمن ۾ شريڪ ٿيڻ، سيني ڪان هڪ جهڙا تعلقات رکڻ گروپنگ ڪان بچڻ، غيبت ۽ چغلي جي حوالي سان زبان ۽ ڪن جو ڪچو نہ ٿيڻ، حسد ۽ تڪبر ڪان بچڻ، تڪليف پهچڻ تي صبر ڪرڻ، غلطي تي معافي گهرڻ واري کي معاف ڪري ڇڏڻ، اڪيلي اڏامڻ ڪان بچڻ جو توهان پنهنجي گهر خوش اسان پنهنجي گهر خوش ڇو جو مشهور آهي ڪڏهن ڏينهن وڏا تہ ڪڏهن راتيون يعني وقت هڪ جهڙو ناهي رهندو، اج جيڪي ماڻهو اوهان جي لاءِ ضروري ناهن تي سگهي ٿو سياڻي حالات ائين مٿجن جو اهي ئي ماڻهو اهم ترين ٿي وڃن. ”نفرتون مٽايو محبتون وڌايو“ جو جهنڊو پڪڙي ونو، اوهان جي خانداني زندگي آسان ۽ بارونق ٿي ويندي.

### 3 فرامينِ مصطفٰي ﷺ

(1) مسڪين تي صدقو ڪرڻ هڪ صدقو آهي ۽ رشتيدار تي صدقو ڪرڻ ۾ بہ صدقا آهن، صدقو ۽ صلهٔ رحمي.

(ابن خزيمہ، 77/4، حديث:2385)

(2) توهان ماڻهو پنهنجي نسب نالن کي ڄاڻي وٺو تہ جيئن ان جي وجھ سان توهان پنهنجي رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ ڪيو، يقين ڪيو جو رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ هي گهروارن ۾ محبت ۽ مال ۾ واڌاري ۽ عُمر ۾ ڊيگھ جو سبب آهي.

(ترمذی، 394/3، حديث:1986)

(3) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پڇيو ويو: ڪهڙو صدقو افضل آهي؟ تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو بغض رکندڙ رشتيدار تي ڪيو وڃي.

(مسند امام احمد، 228/5، حديث:15320)

### اي عاشقانِ رسول!

سُٺو ماحول اسان کي سُٺو بڻائيندو آهي، دعوتِ اسلامي جي ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ڪردار ۽ عمل ۾ مثبت تبديليون اوهان کي تمام جلد نظر اينديون اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم!

# ٻارن ۽ ٻارڙين جا نالا

سرڪارﷺ فرمايو: انسان سڀ کان پهريون تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي تنهنڪري ان کي گهرجي ته ان جو نالو سنو رکي. (جمع الجوامع ، 3/ 285، حديث : 8875) هتي ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا، انهن جي معنٰي ۽ نسبتون پيش ڪيون ٿيون وڃن.

| نالو | پڪارڻ جي لاءِ | معنٰي | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | عَبۡدُالحفيظ | حفاظت ڪرڻ واري جو ٻانهو | الله پاڪ جي صفاتي نالي جي طرف لفظِ عبد جي اضافت سان گڏ |
| محمد | بُرهان | اهڙي دليل جنهن ۾ شڪ ۽ شبهو نه هجي | رسولِ پاڪ ﷺ جو صفاتي نالو |
| محمد | نَجيب | سٺي نسب وارو | رسولِ پاڪ ﷺ جو صفاتي نالو |

## ٻارڙين جا 3 نالا

| نالو | معنٰي | نسبت |
|---|---|---|
| اَرۡوٰي | حسين و جميل | صحابيه رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جو مبارڪ نالو |
| مارِيه | اڇي رنگ ۽ چمڪ ڏمڪ واري | صحابيه رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جو مبارڪ نالو |
| عاتِڪ | خوشبو ملڻ واري | صحابيه رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جو مبارڪ نالو |

# ٻين جي ڏکن ۾ شريڪ ٿيندا ڪيو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو ڪنهن غم زده شخص کان تعزيت (يعني ان جي غم خواري) ڪندو اللّٰه پاڪ ان کي تقويٰ جو لباس پارائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت ڪندو اللّٰه پاڪ ان کي جنت جي جوڙن مان ٻه اهڙا جوڙا پارائيندو جن جي قيمت (سڄي) دنيا به نٿي ٿي سگهي. (معجمِ اوسط،۴۲۹/۶ ،حديث:۹۲۹۲)تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان ٻه مسلمانن سان تعزيت ڪري جنت ۾ وڻي وڃڻ واري هن عمل کي اپنايون ۽ ان جون برڪتون ماڻيون. اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ارشاد فرمائن ٿا: ڪڏهن ڪڏهن تعزيت جا ثمرات دنيا ۾ به نظر ايندا آهن، جيئن هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جن ڏينهن ۾ نُور مسجد ڪاغذي بازار بابُ المدينہ ڪراچي ۾ منهنجي امامت هئي، هڪ اسلامي ڀاءُ ڀهريان منهنجي ويجهو هو ۽ پوءِ ڪجهه پري رهڻ لڳو، پر مون کي اندازو نہ هو. هڪ ڏينهن فجر کان پوءِ مون کي انهن جي والد صاحب جي لاڏاڻي جي خبر ملي، آئون يڪدم سندن گهر پهتس، اجان ميّت کي غسل به نہ ڏنو ويو هو، دعا فاتحہ ڪئي ۽ موٽي آيس، جنازي نماز ۾ شريڪ ٿي قبرستان گڏ ويس ۽ تدفين ۾ به اڳيان اڳيان رهيس. اُن جا فائدا تصور کان به وڌيڪ ٿيا، جيئن اُن اسلامي ڀاءُ پاڻ ئي انڪشاف ڪيو تہ مون کي اوهان جي باري ۾ ڪنهن ورغلايو هو، اُن جي ڳالهين ۾ اچي آئون اوهان کان پري ٿي ويس ۽ ايترو پري ٿي ويس جو اوهان کي ايندي ڏسي لِڪي ويندو هيس پر منهنجي پياري پيءُ جي انتقال تي اوهان جي همدرداڻي انداز منهنجي دل بدلائي ڇڏي، جنهن ماڻهو اوهان کان مون کي پري ڪيو هو اُهو منهنجي مرحوم والد جي جنازي ۾ به نہ آيو.